SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1988

SINDH ACT NO.VII OF 1988

سنڌ انڊسٽريل اينڊ منرل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1988

THE SIND INDUSTRIAL AND MINERAL DEVELOPMENT CORPORATION ACT, 1988

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان اور شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪارپوريشن جو قيام ۽ آفيسون
ESTABLISHMENT OF THE CORPORATION AND ITS OFFICES

4. ڪارپوريشن جو ڪم
FUNCTIONS OF THE CORPORATION

5. ڪارپوريشن جا اختيار
POWERS OF THE CORPORATION

6. اسڪيمن جي تياري ۽ ان تي عمل
PREPARATION AND IMPLEMENTATION SCHEMES

7. ڪارپوريشن جا انتظامي معاملا
ADMINISTRATION OF THE AFFAIRS OF CORPORATION

8. بورڊ جي جوڙجڪ

CONSTITUTION OF THE BOARD

9. ڊائريڪٽرن جي نااهلي

DISQUALIFICATIONS OF DIRECTORS

10. ڊائريڪٽرن کي هٽائڻ

REMOVAL OF DIRECTORS

11. غير سرڪاري ڊائريڪٽرن جي لاءِ معاوضا ۽ الائونسز

REMUNERATION AND ALLOWANCES TO THE NON_ OFFICIAL DIRECTORS

12. مئنيجنگ ڊائريڪٽر

MANAGING DIRECTOR

13. آفيسرن ۽ عملي جي مقرري

APPOINTMENT OF OFFICERS AND STAFF

14. فنانشل، ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي مقرري

APPOINTMENT OF FINANCIAL, TECHNICAL COMMITTEES

15. چيئرمين جا فرض ۽ اختيار

POWERS AND FUNCTIONS OF THE CHAIRMAN

16. مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا فرض ۽ اختيار

POWERS AND FUNCTIONS OF THE MANAGING DIRECTOR

17. بورڊ جو اجلاس

MEETINGS OF THE BOARD

18. فنڊ

FUND

19. سيڙپڪاري ڪرڻ
INVESTMENTS

20. قرض وٺڻ جا اختيار
POWERS TO OBTAIN LOANS

21. بجيٽ
BUDGET

22. حساب ڪتاب جو رکارڊ رکڻ
MAINTENANCE OF ACCOUNTS

23. آڊٽ
AUDIT

24. رهتن جي وصولي
RECOVERY OF DUES

25. شگر ڪارپوريشن جي منتقلي
TRANSFER AND VESTING OF SUGAR CORPORATION

26. حڪومت کي هدايت ڏيڻ
POWERS OF GOVERNMENT TO GIVE DIRECTIONS

27. اختيار حوالي ڪرڻ
DELEGATION OF POWERS

28. سرڪاري ملازم
PUBLIC SERVANTS

29. وفاداريءَ راز رکڻ جو اعلان
DECLARATION OF FIDELITY AND SECRECY

30. نقصانن جي حوالي سان ڊائريڪٽرن جي لاءِ ضمانت
INDEMNITY OF DIRECTORS AGAINST LOSSES

31. ايڪٽس ۽ ڪاروائين جي تصديق

VALIDATION OF ACTS AND PROCEEDINGS

32. ضمانت

INDEMNITY

33. قاعدا

RULES

34. ضابطا

REGULATIONS

35. تکلیفن کي ختم کرڻ

REMOVAL OF DIFFICULTIES

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1988

SINDH ACT NO.VII OF 1988

سنڌ انڊسٽريل اينڊ منرل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1988

THE SIND INDUSTRIAL AND MINERAL DEVELOPMENT CORPORATION ACT, 1988

[4 آگسٽ 1988]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن جي تحت سنڌ صوبي ۾ صنعتي ۽ معدني ترقي جي لاءِ ڪارپوريشن قائم ڪئي ويندي.

جيئن تہ هڪ اهڙي صنعتي ۽ معدني جي ترقي لاءِ ڪارپوريشن جو قيام مقصد آهي جنهن سان سنڌ صوبي ۾ صنعتي ۽ معدني ۽ سماجي توڙي اقتصادي ترقي کي هٿي ڏيڻ مقصد آهي؛

جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو:

باب پهريون شروعاتي

PRELIMINARY

مختصر عنوان اور شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صنعتي ۽ معدني ڪارپوريشن ايڪٽ، 1988 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ سڄي سنڌ ۾ لاڳو هوندو.

(3) هي في الفور نافذ هوندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي خلاف نہ هجي؛

(a) "زراعت تي ٻڌل صنعت"مان مراد هڪ صنعت جيڪا زرعي پيداوار کي خام مال جي طور تي استعمال ڪري؛

(b) "بورڊ" مان مراد بورڊ آف ڊائريڪٽرز؛

(c) "چيئرمين" مان مراد بورڊ آف ڪارپوريشن؛

(d) "ڪمپني"مان مراد ڪمپنيز آرڊيننس، 1984 تحت جوڙيل ڪمپني؛

(e) "ڊائريڪٽر"مان مراد ڪارپوريشن جو ڊائريڪٽر؛

(f) "ماهيگري ۽ واپاري پاڻي پرڊيوس"مان مراد صنعتن جو ماهيگيري ۽ واپاري پاڻي بابت ٻين وسيلن مڇي، جهينگا فارمز، ڪولڊ اسٽوريج، پيڪنگ ۽ مڇيءَ جا خاص نقل ۽ حرڪت جي صنعتي؛

(g) "حڪومت" مان مراد سنڌ حڪومت؛

(h) "فنڊ"مان مراد ڪارپوريشن جو فنڊ؛

(i) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر"مان مراد مئنيجنگ ڊائريڪٽر آف ڪارپوريشن؛

(j) "معدنيات" مان مراد سموريون منرلز سواءِ منرل آئل ۽ قدرتي گئس جي ؛

(k) "پرسڪرابڊ"مان مراد قاعدن ۽ ضابطن جي مطابق ڏنل هدايتون؛

(l) "ريگوليشنز"مان مراد هن قانون جي تحت جوڙيل ضابطا؛

(m) "رولز" مان مراد هن قانون جي تحت جوڙيل قاعدا؛

باب ٻيون_II

ڪارپوريشن جو قيام، اختيار ۽ ڪم

ESTABLISHMENT, POWERS AND FUNCTIONS OF THE CORPORATION

ڪارپوريشن جو قيام ۽ آفيسون
ESTABLISHMENT OF THE CORPORATION AND ITS OFFICES

3. (1) حڪومت جي نوٽيفڪيشن جي ذريعي ڪارپوريشن قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سنڌ صنعتي، معدني ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن سڏيو ويندو.

(2) ڪارپوريشن سنڌ صنعتي، ۽ معدني ڊولپمينٽ ڪارپوريشن جي نالي سان هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن وٽ مستقل جانشين ۽ اختيارن جي هڪ گڏيل مهر هوندي جنهن جي مدد سان هن ايڪٽ جي دفعات جي تحت منقولا ۽ غير منقولا ملڪيت کي حاصل ڪرڻ، رکڻ يا ڪڍڻ جو اختيار هوندو هو پنهنجي نالي سان ڪيس ڪري سگهي ٿي يا ان تي ڪيس ڪري سگهجي ٿو.

(3) ڪارپوريشن جي مرڪزي آفيس ڪراچي هوندي يا نوٽيفڪيشن جي ذريعي حڪومت سان طئي ڪيل ڪنهن ٻئي هنڌ تي ٿيندي.

(4) ڪارپوريشن پنهنجي علائقائي آفيسن وارن هنڌن تي ٺاهيندي جتي مناسب سمجهي.

ڪارپوريشن جو ڪم
FUNCTIONS OF THE

4. ڪارپوريشن:

CORPORATION

(a) صنعتي ۽ معدني ترقي خاص طور تي زراعت تي ٻڌل صنعت جي ترقي جي رفتار کي وڌائڻ جي لاءِ ڪوشان هوندي. خاص طور تي ايگرو-بيسڊ انڊسٽري جي حوالي سان صوبي کي غير ترقي يافته علائقن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو ته جيئن اتان جي ماڻهن جي اقتصادي ۽ سماجي حالتن کي بهتر ڪري سگهجي.

(i) ان سان گڏ ڪارپوريشن صنعتن جي قيام جي لاءِ ترقي ۽ منصوبه بندي، ۽ عملدرآمدي پروگرام ناهڻ جي به ذميوار هوندي. بشمول سروس ۽ زراعت تي ٻڌل صنعتون.

(ii) مڇي ۽ ٻين آبي صنعتي اهميت جي حاصل پيداوار کي وڌائڻ؛

(iii) معدنيات، معدنياتي شين جي ترقي ۽ منصوبه بندي، ۽ ترقي ۽ تحقيق؛

(iv) حڪومت هن ايڪٽ جي دائري ڪار جي تحت ڪنهن ٻي مواد جي ريسرچ، ترقي ۽ ترقي جي ذميواري ڪارپوريشن کي سونپي سگهي ٿي.

وضاحت:-

منصوبه بندي ۾ شامل آهي، مطالعو سروي، تجربا ۽ سائنسي ۽ پيشوراڻه تجزيا پروگرامن جي تنظيم ۽ نفاذ ماحول ۽ انفراسٽرڪچر ناهڻ تي مشتمل هوندو جنهن ۾ شامل هوندا روڊ ناهڻ، پاني، بجلي ۽

گئس جو بندوبست ڪرڻ، باصلاحيت ۽ عام پيشوراڻا ماڻهو فراهم ڪرڻ، زمين جي ترقي ۽ مالي وسيلن ۽ ٻين لاڳاپيل سهولتن جو انتظام ڪرڻ، جيڪي انڊسٽريل ۽ منرل ڊولپمينٽ پلان جي لاءِ ضروري هجن.

(b) هن ايڪٽ جي تحت سنڌ شوگر ڪارپوريشن کي مڪمل ۽ موثر ڪنٽرول ۾ وٺڻ.

ڪارپوريشن جا اختيار
POWERS OF THE CORPORATION

5. (a) ڪارپوريشن جا هي اختيار هوندا منقولا ۽ غير منقولا ملڪيت جو حصول، ڪنٽرول ۽ انتظام؛

(b) ڪنهن ملڪيت کي نيڪالي ڏيڻ؛

(c) هن ايڪٽ جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن اسڪيم کي مرتب ۽ لاڳو ڪرڻ؛

(d) هن ايڪٽ جي مقصدن جي حصول جي لاءِ خرچ ڪرڻ؛

(e) معاهدا ڪرڻ؛

(f) بهتر ڪارڪردگي جي لاءِ ضروري سامان جي خريداري؛

(g) اهڙا قدم کڻڻ جيڪي مقصدن جي وصولي جي لاءِ بهتر يا ضروري هجن؛

اسڪيمن جي تياري ۽ ان تي عمل
PREPARATION AND IMPLEMENTATION SCHEMES

6. (1) ڪارپوريشن هن ايڪٽ جي مطابق مقصد جي حصول جي لاءِ اسڪيمون ٺاهيندي ۽ هن اسڪيمن کي عملي جامو پڻائڻ جي لاءِ بورڊ محدود ڪمپنين جو هڪ ٻئي سان خودمختيار يا ماتحت ڪمپنين جي سرپرستي ڪري سگهي ٿي، جنهن

کي ڪيپيٽل، انتظامي ڊانچي ۽ شين ۽ ايسيئيشن جي ياداشت جنهن طرح منظور ڪندي.

(2) ذيلي دفعہ(1) جي تحت جن ڪمپنين جي سرپرستي ڏني ويندي ان کي يا تہ ڪارپوريشن مڪمل مالي تعاون فراهم ڪندي، يا وري پبلڪ شيئرز انسٽيٽيوشنل فنانسنگ يا پرائيويٽ انٽرپرائيز جي توسط سان يا گڏجي تعاون فراهم ڪندي.

(3) هلندڙ گهرجن جي بنيادن تي ڪمپنين کي اهڙيءَ طرح جوڙيو ويندو جيئن هن جي حصي کي خانگي انٽرپرائيز ڏئي سگهجن.

ڪارپوريشن جا انتظامي معاملا
ADMINISTRATION OF THE AFFAIRS OF CORPORATION

7. (1) ڪارپوريشن تجارتي خدشن کي نظر ۾ رکندي پنهنجا فرض سرانجام ڏيندي ۽ وقت بوقت حڪومت پاران ڏنل هدايتن جي رهنمائي حاصل ڪندي.

(2) جيڪڏهن سوال پيدا ٿئي تہ ڪو معاملو پاليسي جي مطابق هجي يا نہ هجي تہ ان صورت ۾ حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

(3) هن ايڪٽ جي ٻي شق ۽ قاعدن ۽ قانونن کي نظر ۾ رکندي ڪارپوريشن جي انتظامي، ڪاروباري مسئلن، دفعہ 8 جي تحت ناهيل بورڊ کي سونپيا ويندا جيڪي اختيارن کي استعمال ڪرڻ ۽ ٻين ڪم ڪرڻ ۾ حق بجانب هوندو جيڪو ڪارپوريشن جي طرفان ڪيو ويندو هو.

باب_III

بورڊ آف ڊائريڪٽرن جي جوڙجڪ

بورڊ جي جوڙجڪ
CONSTITUTION OF THE BOARD

CONSTITUTION OF THE BOARD OF DIRECTORS

8. (1) حڪومت پاران هڪ بورڊ جوڙيو ويندو، جيڪو مشتمل هوندو.

(i)	وزير صنعت	چيئرمين
(ii)	ايڊيشنل چيف سيڪريٽري	ترقي ۽ منصوبہ بندي
(iii)	سيڪريٽري براءِ صنعت	آفيشل ڊائريڪٽر
(iv)	ناٽي وارو سيڪريٽري	آفيشرل ڊائريڪٽر
(v)	مئنيجنگ ڊائريڪٽر	آفيشل ڊائريڪٽر
(vi)	4 نان آفيشل ڊائريڪٽرز حڪومت پاران مقرر ڪيا ويندا جيڪي صوبائي سطح تي	نان آفيشل ڊائريڪٽرز

(a) واپار

(b) ماليات

(c) مائينگ ۽

(d) پبلڪ سروس

۾ سني ساک رکندڙ هجن.

(vii) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر پاران نامزد ڪيل صوبائي اسيمبلي جو هڪ ميمبر؛

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر بورڊ جو سيڪريٽري هوندو.

(3) بورڊ ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ ڪنهن شخص کي بطور ڊائريڪٽر چونڊي سگهي ٿي، پر ان

وٽ ووٽ ڏيڻ جو اختيار نہ هوندو.

(4) آفيشل ڊائريڪٽر پنهنجو عهدو خالي ڪرڻ جي صورت ۾ ڊائريڪٽر نہ رهندو.

(5) نان آفيشل ڊائريڪٽر پنهنجي مقرري جي مدت سان ٽن سالن تائين عهدو سنڀاليندو ۽ حڪومت جي مرضيءَ سان اهڙي مدت جي لاءِ ٻيهر اهل هوندو.

(6) غير سرڪاري ڊائريڪٽر ڪنهن بہ وقت پنهنجي ملازمت جي مدت پوري ٿيڻ کان پهريان چاهي تہ استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو. يا حڪومت بنا ڪنهن سبب جي عهدي تان هٽائي سگهي ٿي.

ڊائريڪٽرن جي نااهلي
DISQUALIFICATIONS OF DIRECTORS

9. ڪو اهڙو شخص ڊائريڪٽر نہ ٿي سگهندو يا ڊائريڪٽر طور تي ڪم جاري نہ رکي سگهندو جيڪو:-

(a) 25 سالن کان گهٽ يا 60 سالن کان وڌيڪ عمر جو هجي، سرڪاري ميمبر هن ايڪٽ جي تحت نااهل هوندو.

(b) جيڪو پاڪستان جو شهري نہ هجي.

(c) جنهن جي ذهني حالت ٺيڪ نہ هجي، يا ڪوئي دماغي خلل ڏٺو وڃي.

(d) جيڪو اخلاقي پستي سميت ڪنهن ڏوهہ ۾ سزايافتہ هجي.

(e) جنهن جو ڪنهن وقت ۾ ڏيوالپڻو نڪري چڪو هجي.

(f) جنهن کي ڪنهن سرڪاري عهدي تان برطرف يا هٽايل يا نااهل قرار ڏنو ويو هجي.

ڊائريڪٽرن کي هٽائڻ
REMOVAL OF DIRECTORS

10. حڪومت هڪ تحريري حڪم جي ذريعي ڊائريڪٽر کي ملازمت جي مدت پوري ٿيڻ کان پهريان هٽائي سگهي ٿي جيڪڏهن اهو:-

(a) جيڪڏهن هو هن ايڪٽ جي تحت فرضن کي پورو ڪرڻ کان انڪار ڪري يا حڪومت جي مطابق ذميوارين کي نڀائڻ ۾ ناڪام/نااهل ڏٺو وڃي.

(b) جنهن حڪومت جي مطابق، بطور ڊائريڪٽر پنهنجي عهدي جو غلط استعمال ڪيو هجي.

(c) حڪومت جي تحريري اجازت کانسواءِ ڄاڻي واڻي، براه راست يا ڪنهن ڀائيواريءَ جي مدد سان ڪارپوريشن جي نالي تي ڪنهن پراجيڪٽ جو ڪو حصو ڪوئي معاهدو يا نوڪري حاصل ڪئي، جنهن جي باري ۾ هن جي علم ۾ هجي ته هي حصول فائديمند ثابت ٿيندو.

غير سرڪاري ڊائريڪٽرن جي لاءِ معاوضا ۽ الائونسز
REMUNERATION AND ALLOWANCES TO THE NON_OFFICIAL DIRECTORS

11. حڪومت جي منظوري سان، ڪارپوريشن غير سرڪاري ميمبر جي لاءِ معاوضن ۽ ٻيون مراعتون جاري ڪندي

باب_IV

ڪارپوريشن جي عهديدارن جا فرض، مقررين ۽ اختيار
APPOINTMENT AND POWERS AND FUNCTIONS OF THE FUNCTIONARIES OF THE CORPORATION

مئنيجنگ ڊائريڪٽر
MANAGING

12. (1) حڪومت پرائيويٽ سيڪٽر مان هڪ شخص

DIRECTOR

کي بطور مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ڪندي جيڪو حڪومت پاران طئي ٿيل شرطن ۽ تعليمي معيار تي پورو لهندو هجي.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ڪارپوريشن جو ڪل وقتي عملدار هوندو

(3) حڪومت پاران مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي هٽايو ويندو جيڪڏهن هو:

(a) هن ايڪٽ جي تحت فرضن کي پورو ڪرڻ کان انڪار ڪري يا حڪومت مطابق ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام يا نااهل ڏٺو وڃي.

(b) جنهن بطور ڊائريڪٽر پنهنجي عهدي جو غلط استعمال ڪيو هجي.

(c) حڪومت جي تحريري اجازت کانسواءِ براهه راست يا غير براه راست ڪنهن ملڪيت، پراجيڪٽ يا ڪنهن اسڪيم جي حصول ۾ ملوث ڏٺو وڃي ٿو.

آفيسرن ۽ عملي جي مقرري

APPOINTMENT OF OFFICERS AND STAFF

13. (1) ڪارپوريشن، فرضن جي بهتر ادائيگي جي سلسلي ۾ مروجه قاعدن ۽ تعليم ۽ تجربي جي بنيادن تي انتظامي، مشاورتي، ٽيڪنيڪي اعتبار تي پورو لهڻ وارن آفيسرن، معاون، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻي عملي جي مقرري ڪندي.

(2) آفيسرن، صلاحڪارن، معاون، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻيو عملو اهڙي تاديبي ڪاروائي جي برداشت هوندا، جيئن بيان ڪيو ويو آهي.

فنانشل، ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي مقرري
APPOINTMENT OF FINANCIAL, TECHNICAL COMMITTEES

14. (1) ڪارپوريشن هن ايڪٽ جي مقصد جي حصول جي لاءِ ضرورت موجب، مالي ٽيڪنيڪي ايڊوائيزري يا آڊٽ ڪميٽي جوڙيندي.

(2) ڪميٽيون، بورڊ، چيئرمين، يا مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاران سونپيل فرضن جي ادائيگي يا ڪجهه اهڙن معاملن ۾ صلاح ڏيندڙيون، جنهن جي لاءِ هن کي چيو ويو آهي.

چيئرمين جا فرض ۽ اختيار
POWERS AND FUNCTIONS OF THE CHAIRMAN

15. (1) چيئرمين هن ايڪٽ جي مطابق مليل فرضن ۽ ٻين ذميوارين کي سرانجام ڏيندو.

(2) بورڊ جي جوڙجڪ يا سيشن ۾ نه هئڻ يا ڪنهن ايمرجنسي جي صورت ۾، چيئرمين ضرورت موجب بورڊ جي هن اختيارن کي استعمال ڪندو ۽ ضروري قدم کڻندو. جنهن جي توثيق بعد ۾ بورڊ جي پهرين اجلاس ۾ ورتي ويندي.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا فرض ۽ اختيار
POWERS AND FUNCTIONS OF THE MANAGING DIRECTOR

16. هن ايڪٽ جي دفعات جي گنجائشن ۽ چيئرمين جي هدايت جي روشني ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر:

(a) ڪارپوريشن تي موثر ڪنٽرول رکڻ هن روزمره جي سرگرمين/ڪمن کي بهتر انداز ۾ ڪرڻ جو ذميوار هوندو.

(b) ڪارپوريشن جي ٺاهيل اسڪيمن جو نفاذ، هن جي نگراني، ۽ ان تي بهتر ۽ موثرانداز سان عملدرآمد ڪرڻ جو ذميوار هوندو.

(c) ڪارپوريشن جي مالي ۽ ايگزيڪيوٽو ايڊمنسٽريشن جي نگراني ڪندو. ۽ ان جي فرضن جي ادائيگي جي لاءِ هن ايڪٽ تحت

مليل يا سونپيل سمورن اختيارن جو استعمال ڪندو.

(d) هن کي ڪارپوريشن جي عملي جي انتظامي ضابطي جا اختيار بہ حاصل هوندا.

بورڊ جو اجلاس
MEETINGS OF THE BOARD

17. (1) بورڊ جي اجلاس ۾، مروجہ قاعدن ۽ ضابطن ۽ طريقيڪار جي مطابق سموري ڪم کي پورو ڪيو ويندو.

(2) بورڊ جي اجلاس جي طئي ٿيل، قاعدن ۽ ضابطن جي مطابق مقرر وقت ۽ ٻي هنڌ تي گهرايو ويندو. قاعدن ۽ ضابطن نہ هئڻ جي صورت ۾ اجلاس چيئرمين جا ٻڌايل طريقيڪار جي مطابق گهرايو ويندو.

(3) اجلاس جي صدارت چيئرمين ۽ ان جي غير موجودگيءَ ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪندو.

(4) اجلاس مهيني ۾ هڪ ڀيرو گهرايو ويندو ۽ دير کان دير تہ ماهي هڪ ڀيرو.

(5) اجلاس جي لاءِ ڪورم گهٽ ۾ گهٽ 3 ڊائريڪٽرن تي مشتمل هوندو.

(6) هر هڪ ڊائريڪٽر ۽ چيئرمين سميت وٽ هڪ ووٽ هوندو هر ووٽ جي برابري جي صورت ۾ چيئرمين وٽ هڪ ڪاسٽنگ ووٽ هوندو.

(7) مئنيجنگ ڊائريڪٽر، جيڪو بورڊ جو سيڪريٽري بہ آهي اجلاس جا منٽس ريڪارڊ ڪندو جنهن ۾ هن اجلاس ۾ شامل ڊائريڪٽرن جي نالن جو ذڪر ڪيو ويندو.

(8) منٽس تي هن اجلاس جي صدارت درخواستگذار کان دستخط ڪرائي وڃي ڪنهن بہ ڊائريڪٽر جي گهرائڻ تي پيش ڪيو ويندو.

باب پنجون Chapter _ V

(فنانس آڊٽ اينڊ اڪائونٽس)

FINANCE, AUDIT AND ACCOUNTS

فنڊ
FUND

18. (1) ڪارپوريشن جو هڪ الڳ فنڊ هوندو.جنهن سنڌ معدني ۽ صنعتي ترقي ڪارپوريشن فنڊ سڏيو ويندو جيڪو مشتمل هوندو:

(a) حڪومت پاران سيڙپڪاري جي مد ۾ ڪيل مالي حمايت.

(b) قرض، گرانٽس، يا وفاقي، صوبائي، يا ملڪي وغيره ملڪي ايجنسيز جي پاران مليل امدادي رقم.

(c) آپريٽنگ يونٽس کان حاصل ڪيل رقم.

(d) ڪارپوريشن جا آپريٽنگ يونٽس، يا سنڌ شوگر ڪارپوريشن جي ملڪيتن کي وڪري يا شيئرز جي نيڪالي وڪڻڻ سان مليل رقم.

(e) ڪارپوريشن کي ٻي مد ۾ حاصل ڪيل رقم.

(f) حڪومتي قاعدن ۽ ضابطن مطابق قائم ڪيل يا ورتل قرض.

(2) هن ايڪٽ جي مقصدن جي حصول جي لاءِ هن فنڊ جو استعمال ڪيو ويندو. معاوضن ۽ ڊائريڪٽرن، مئنيجنگ ڊائريڪٽرن، آفيسرن، صلاحڪار ۽ معاون، ڪنسلٽنٽ ايجنسيز ۽

ڪارپوريشن جي ٻي عملي کي ٻين مالي مراعتن جي ادائيگي هن فنڊ سان ڪئي ويندي.

(3) بورڊ، ڪارپوريشن جي قرضن جي ادائيگي ڪرڻ جي حيثيت کي هن طرح يقيني بڻايو ويندو ۽ هن ڳالهه جو خيال رکيو وڃي تہ جيئن ڪنهن بہ موقعي تي گهربل عام پونجي منفي نہ هجي.

سيڙڻپڪاري ڪرڻ
INVESTMENTS

19. (1) هن فنڊ ۾ جمع ڪيل ساري رقم حڪومت کان منظور شده بينڪ ۾ جمع ڪرائي ويندي.

(2) ڪارپوريشن، حڪومت جي ڏنل طريقيڪار مطابق، اضافي فنڊن جي حڪومت کان منظور ٿيل بينڪ ۾ بذريعہ فڪس ڊيپازٽ يا حڪومت کان تصديق ٿيل سيڪيورٽي ۾ لڳائي سگهجي.

قرض وٺڻ جا اختيار
POWERS TO OBTAIN LOANS

20. ڪارپوريشن ملڪي غير ملڪي مالياتي ادارن سان ملڪي و غير ملڪي ڪرنسي ۾ قرض حاصل ڪري سگهن ٿا. خاص طور تي غير ملڪي قرضن جي لاءِ حڪومت پاڪستان پاران وقت بوقت ڏنل شرط ۽ طريقيڪار تي عملدرآمد ضروري ٿيندو.

بجيٽ
BUDGET

21. (1) هر مالي سال جي لاءِ تخمينو لڳايل خرچن ۽ رسيدن تي مشتمل هڪ اسٽيٽمينٽ تيار ڪئي وڃي جيڪا منظوري جي لاءِ بورڊ جي حوالي ڪئي ويندي.

(2) سالياني منظوري ٿيل بجيٽ کان علاوه ڪارپوريشن پاران وڌيڪ ڪو خرچ نہ ڪيو ويندو سواءِ انهن خرچن جي جنهن جي بورڊ کان پهريان منظوري ورتي ويندي.

حساب ڪتاب جو رکارڊ رکڻ
MAINTENANCE OF ACCOUNTS

22. ڪارپوريشن، قانون ۽ ڏنل طريقيڪار موجب درست طريقن سان اڪائونٽس ۽ ٻيا لاڳاپيل ريڪارڊ تيار ڪندي.

آڊٽ
AUDIT

23. (1) هر مالي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڪارپوريشن جي اڪائونٽ جي جاچ پڙتال، بورڊ پاران منظور ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽس جي فرم سان ڪئي ويندي ۽ بورڊ پاران طئي ڪيل رقم معاوضي طور ادا ڪئي ويندي.

(2) حڪومت، حالتن کي نظر ۾ رکندي آڊيٽر جنرل آف پاڪستان کي هڪ تحريري درخواست جي ذريعي ڪارپوريشن ۽ ان جي ايونٽس جي خصوصي جاچ پڙتال جي درخواست ڪري سگهي ٿي. آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي رپورٽ، ڪمنٽس سان گڏ ڪارپوريشن پاران 3 مهينن جي اندر حڪومت وٽ جمع ڪرائي ويندي.

(3) ڪارپوريشن هر مالي سال جي پڇاڻي تي چارٽرڊ اڪائونٽس جي فرم جي طرفان ڪيل سالياني آڊٽ جي ڪان جلدي پوءِ يا هڪ مهينو پهريان رپورٽ حڪومت کي جمع ڪرائيندي ڪارپوريشن ۽ اهن جي يونٽس کي بيلنس شيٽ ۽ نفع ۽ نقصان اڪائونٽ تي مشتمل هن آڊيٽيڊ رپورٽ جي بورڊ کان منظوري ورتي ويندي.

رهتن جي وصولي
RECOVERY OF DUES

۲۴- ڪارپوريشن تي ڪنهن نظيم، بادي يا ڪنهن شخص جي طرفان واجب الادا سموريون بقايائون لينڊ

روينيو جي بقايائن جي طرح ممڪن الوصول هوندي.

باب ڇهون Chapter_ VI

متفرقات

MISCELLANEOUS

شگر ڪارپوريشن جي منتقلي
TRANSFER AND VESTING OF SUGAR CORPORATION

25. (1) حڪومت ڪنهن به وقت، 1984 جي ڪمپنيز آرڊيننس جي دفعات جي روشني ۾ سنڌ شوگر ڪارپوريشن کي ڪارپوريشن منتقل ڪري سگهندي، جنهن کي منتقلي جي تاريخ کان منتقل تصور ڪيو ويندو.

(2) ذيلي دفعه (1) جي تحت ڪارپوريشن کي منتقل ڪيل سنڌ ڪارپوريشن شامل هوندي. سمورن اثاثن، حقن، اختيارن، مراعتن ۽ ٻين منقولا يا غير منقولا ملڪيت بشمول زمين، ٻيا ڪم، سموريون گاڏيون، ڪيش، بيلنسز ذخيرا، فنڊ، شيئرز ۽ ٻي سيڙپڪاري، قرض ۽ هيٺ ڄاڻايل جائيداد جا حق ۽ مفاد ۽ ان سان لاڳاپيل سمورا اڪائونٽس، دستاويز ۽ سمورا قرض، بقايائون.

(3) بشرطيڪ هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن جي مطابقت کان سمورا معاهدا ۽ هلندڙ انتظام ٻڌايل تاريخ کان فورن پهريان کان هئا ۽ اهي سنڌ شگر ڪارپوريشن تي اثرانداز رهيا، هن تاريخ کان ختم ٿي ويندا جڏهن کان اهي لاڳو ڪيا ويا يا وقوع پذير آهن. اهي ڪارپوريشن جي حق ۾ يا ان جي برعڪس اثرانداز ٿيڻ جي حيثيت ۾ هن تاريخ کان سمجهيا ويندا، جنهن سان سنڌ شگر ڪارپوريشن کي

ڪارپوريشن جو نالو ڏنو ويو آهي.

(4) بشرطيڪ هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن جي مطابقت سان جيڪڏهن بيان ڪيل تاريخ کان پهريان سنڌ شگر ڪارپوريشن تي اثرانداز ٿيڻ واري ڪا ڪاروائي خلاف قدم موجود آهي يا التوي ۾ سمجهيو ويندو، جنهن کي اها ڪاروائي يا گهربل قدم هن ايڪٽ جي لاڳو کان پهريان موجود هئا.

(5) بشرطيڪ هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن ۽ قاعدن ۽ ضابطن جي مطابقت سان سنڌ شگر ڪارپوريشن جي سمورن عملدارن، ڪنسلٽنٽس، صلاحڪار ۽ ٻين ملازمين، جيڪڏهن ڪنهن قانون، سمجهوتي، معاهداتي دستاويز جي برعڪس نه هجن، اهي سڀ جا سڀ ڪارپوريسن کي منتقل ٿي ويندا، جيستائين هن ايڪٽ جي تحت هن جي ملازمت جي شرطن ۽ ٽرمز ۽ ڪنٽينٽس طئي نٿا ڪيا وڃن، مجيو ويندو اهو نافذ العمل شرط هن تاريخ کان ڪارپوريشن ۾ ملازمت ڪندا آهن ۽ ڪو به عملدار، ڪنسلٽنٽ، صلاحڪار يا ٻيو ملازم، جيڪو هن طريقي سان ڪارپوريشن ۾ آيو آهي، اهو بدليءَ سبب هن تلافي جو حقدار هوندو.

حڪومت کي هدايت ڏيڻ
POWERS OF GOVERNMENT TO GIVE DIRECTIONS

26. (1) حڪومت، ڪارپوريشن جي دائره اختيار ۾ ايندڙ ڪنهن معاملي بابت ڪو دستاويز، انگ اکر يا Return Statements يا معلومات طلب ڪري سگهي ٿي ۽ ڪارپوريشن هن حڪم جي درخواست جي تعميل جي پابندي هوندي.

(2) ڪارپوريشن مالي سال جي پڄاڻي جي ٽن مهينن جي اندر حڪومت کي هن مالي سال ۾ ٽيندڙ معاملن مطابق رپورٽ پيش ڪندي.

اختيار حوالي ڪرڻ
DELEGATION OF POWERS

27. (1) هن ايڪٽ جي تحت، ڪارپوريشن ڪنهن جنرل ۽ خصوصي احڪامن جي ذريعي ۽ مروجه ضابطن جي مطابق چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ٻي عملي کي ڪوئي اختيار، ذميواري يا فرض سونپي سگهي ٿي.

(2) چيئرمين يا مئنيجنگ ڊائريڪٽر، هن ايڪٽ جي ۽ قاعدن ۽ ضابطن جي مطابق ڪارپوريشن جي ڪنهن آفيسر يا ملازم کي ڪو اختيار حوالي ڪري سگهي ٿو. سواءِ انهن اختيارن جي جيڪي ذيلي دفعه (1) جي تحت ان سان مليل آهن.

سرڪاري ملازم
PUBLIC SERVANTS

28. مروجه قاعدن ۽ ضابطن ۽ هن ايڪٽ جي تحت ڪم ڪرڻ واري چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽرن، آفيسرن، صلاحڪارن، معاون ۽ ڪارپوريشن جي ٻين ملازمن کي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 جي تحت پبلڪ سرونٽس تحت پبلڪ سرونٽ تصور ڪيو ويندو.

وفاداري ۽ راز رکڻ جو اعلان
DECLARATION OF FIDELITY AND SECRECY

29. (1) هر ڊائريڪٽر، صلاحڪار، معاون، ۽ ڪارپوريشن جو ٻيو عملو ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان رولز جي مطابق ايمانداري مخلصي ۽ رازداري رکڻ جو حلف وٺندو.

(2) ڪو شخص جيڪو مٿي ڄاڻايل گنجائش جي خلاف ورزي ڪندو تہ ملازمت مان نيڪالي ڏيڻ جو

حامل هوندو البتہ هن کي ڪنهن ڪارروائي کان پهريان ٻڌڻ جو موقعو ڏنو ويندو جنهن جي لاءِ ان تي قدم کنيو ويندو.

نقصانن جي حوالي سان ڊائريڪٽرن جي لاءِ ضمانت
INDEMNITY OF DIRECTORS AGAINST LOSSES

30. (1) هر ڊائريڪٽر کي پنهنجن فرضن نيائڻ دوران ٿيل خرچن ۽ نقصانن جي لاءِ ڪمپني جي ضمانت حاصل هوندي، سواءِ انهن نقصانن جي، جيڪي ڄاڻي واڻي ڪيا ويا هجن.

(2) ڊائريڪٽر کي ڪنهن ٻئي ڊائريڪٽر يا عملدار يا ملازم کي ڪنهن قدم، نظرداري يا ڪوتاهيءَ جي نتيجي ۾ ڪارپوريشن کي ٿيندڙ نقصان يا اضافي خرچن، يا ملڪيت چاهي ضمانت ۾ گهٽتائي جي لاءِ مورد الزام نٿا لڳائي سگهجن.

ايڪٽس ۽ ڪاروائين جي تصديق
VALIDATION OF ACTS AND PROCEEDINGS

31. ڪارپوريشن جو ڪوئي قدم يا قانوني ڪارروائي، بورڊ ۾ ڪنهن عهدي خالي ٿيڻ جي نالي تي ناموزون قرار نہ ڏنو ويندو.

ضمانت
INDEMNITY

32. هن ايڪٽ، قاعدن ۽ ضابطن تي نيڪ نيتي سان ڪيا ويا يا ڪيل ڪنهن ڪم تي ڪارپوريشن، چيئرمين، ڊائريڪٽر يا مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ڪارپوريشن جي ڪنهن ملازم تي ڪو ڪيس نٿو ڪري سگهجي يا قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهي.

قاعدا

33. حڪومت هن ايڪٽ جي مقصد جي حصول جي

RULES

لاءِ ضروري قانون ٺاهي سگهي ٿي.

ضابطا
REGULATIONS

34. ڪارپوريشن هن ايڪٽ جي مقصد جي حصول جي لاءِ انهن سمورن معاملن جي حوالي سان، جنهن جو ذڪر رولز ۾ نہ آهي، ضرورت جي تحت قانون ٺاهي سگهي ٿي.

تڪليفن کي ختم ڪرڻ
REMOVAL OF DIFFICULTIES

35. هن ايڪٽ جي گنجائشن تي عملدرآمد جي دوران ايندڙ ڪنهن رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ هن ايڪٽ جي مقصدن جي حصول جي لاءِ حڪومت ضرورت تحت حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.